ڊاڪٽر احسان دانش

# اياز جاني جي شاعريءَ جو اڀياس
# AN ANALYSIS OF AYAZ JANI'S POETRY


## Abstract

*Ayaz Jani is one of the prominent names among Sindhi poets. There is a social and political background of his poetry. His poetry is clearly influenced by the conditions of his times and the troubles and injustices of his society. His poetry does not only delight but also highlights the political, social and economic movements and national consciousness of his times. This critical study of mine is based on his first book of poetry Darawar Dil Ji Tanhai. I believe that book is his creative, intellectual and imaginative experiment and it portrays with intensity of feelings the pain of an era.*

*Ayaz jani is a very refined poet of Ghazal. He has composed Ghazals on romantic and social subjects. Wai is his favourite genre in Sindhi classical poetry and he is particularly known with its reference. His Wai is truly comprehensive and sublime in its thought, form and imagination. It is in a way a combination of classicism and modernism. I have tried to present a detailed study of Ayaz Jani's thought and skill in his poetry.*


اياز جاني جديد سنڌي شاعريءَ جي وچين ڪڙيءَ جو هڪ اهم شاعر آهي. هن جي شاعريءَ ۾ اسان کي نڪورا خيال ۽ تازا جذبا ملن ٿا. ميٿيو آرنلڊ چيو هو ته 'شاعري جذبات جي اظهار جو بهترين اوزار آهي.' جذبو شاعريءَ

جو روح آهي تنهن ڪري ڪيبل شاعريءَ کي ڀرپور جذبن جي اظهار جو ذريعو ڄاڻائي ٿو. اهڙي طرح تخيل شعر جو حسن آهي. تنهن ڪري شاعري جذبات ۽ تخيل جي ميلاپ جو نالو آهي. هڪ شاعر ٻن درياهن جو ناڪئو آهي. ڀهريون داخليت ٻيو خارجيت. اياز جاني جي شاعريءَ جو هڪ وڏو حصو ان داخلي ڪائنات کي کولي ٿو ته ٻيو خارجيت جي اثرن کي پڌرو ڪري ٿو. ڇوته فرد خود به خارج جو حصو ٿئي ٿو، تنهن ڪري اهي ٻئي حالتون هڪ ٻئي سان سلهاڙيل به ٿين ٿيون. ان ڪري شاعريءَ کي زبردستي انهن ٻن خانن ۾ فٽ نه ٿو ڪري سگهجي، جيئن گڏ وهندڙ ٻن درياهن جي وچ ۾ ديوار نه ٿي ڏئي سگهجي تئين داخليت ۽ خارجيت جون سرحدن کي به هڪ ٻئي کان ڌار نه ٿو ڪري سگهجي. داخلي شاعري جيتوڻيڪ وڏي حد تائين شاعر جي ذاتي تجربن، احساسن ۽ جذبن جي عڪاسي ڪندي آهي پر ڇوته ان ۾ هڪ عام انسان جي جذبن کي ئي نظم ڪيو ويندو آهي انهيءَ ڪري اها ذات کان ڪائنات يا داخل کان خارج جو سفر طئي ڪندي آهي. يورپ ۾ بائرن اهڙو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جي نظر ۾ ”انانيت “جي وڏي اهميت هئي پر پوءِ به سندس شاعريءَ ۾ آفاقيت موجود هئي، جنهن انقلابي دور ۾ سڄي يورپ کي ڌوڏي ڇڏيو هو.

ننڍي کنڊ ۾ ’غزل‘ داخلي شاعريءَ جو حسين مثال آهي، جتوڻيڪ جديد سنڌي غزل ۾ هڪ وسيع خارجي ڪائنات به نظر اچي ٿي پر حقيقت ۾ غزل جي الڳ الڳ شعرن ۾ منتشر خيال داخلي ۽ خارجي ڪائنات کي هڪ مالها ۾ ڳنڍڻ جو ڪم به ڪن ٿا. اياز جاني جو غزل، جنهن تي اسان کي تفصيل سان ڳالهائڻو آهي پڻ انهيءَ ڌارا ۾ سفر ڪري ٿو.

شاعريءَ جي منطقي ۽ عروضي وصف ۾ فرق آهي. ”شاعريءَ جي منطقي وصف اها آهي ته اها ماڻهن جي دلين ۾ خاص تاثر پيدا ڪري. اهلِ منطق شعر جي معنوي پهلوئن کي سامهون رکندا آهن، علم عروض جا ماهر وزن، قافيي يا شعر جي ظاهري تعريف ۽ تحسين تي اڪتفا ڪن ٿا. يعني عروض وارن وٽ شعر ۾ وزن هجڻ ضروري آهي جڏهن ته منطق جا صاحب چون ٿا ته ان ۾ اثر هجڻ ضروري آهي...... ان لحاظ کان جيڪڏهن ڪوئي ڪلام موزون هجي پر بي اثر هجي ته اهو عروض جي لحاظ کان شعر هوندو پر منطقي لحاظ کان ان کي شعر نه چئي سگهبو.“ (1) تنهن ڪري سنڌي

شاعري ان کي سمجھڻ کپي جنھن ۾ ٻئي يعني منطقي ۽ عروضي (چند جون) خوبيون ھجن. اسان سولي سنڌي ۾ ان کي ذات ۽ ذاتُ سڏيندا آھيون. حقيقت اھا آھي تہ ”شاعري بھترين لفظن جي بھترين ترتيب جو نالو آھي. جيئن عام طور چيو ويندو آھي تہ **"Poets are in love with words"** ان جو مطلب اھو آھي تہ شاعرُ لفظن جي **Full potential** کي استعمال ڪندو آھي. ڪيس لفظن جي وسيلي پيڪر سازي **[ Image making capacity of language]** جو فن ايندو آھي. اھو ئي فن اسان جي جذبات کي جاڳائيندو آھي ۽ اسان جي ٻڌندڙ کي لطف پھچائيندو آھي. اڪثر ڪري (ڪو سٺو) شعر پڙھندي يا ٻڌندي ئي اسان ڦڙڪي پوندا آھيون. ان جو سبب اھا جمالياتي توانائي **[Aesthetic energy]** آھي جيڪا زبان جي تخليقي استعمال ۾ لڪل ھوندي آھي. جدلياتي لفظَ يا تشبيه، استعارو، ڪنايو، علامت وغيره جي ڪري تخليقيت ۾ حسن پيدا ٿيندو آھي ۽ شاعري قافيه پيمائي بدران معنیٰ آفريني بڻجي ويندي آھي. ابھام ۽ مبالغي جو اگر مناسب استعمال ڪيو وڃي تہ اھي شاعريءَ جي لاءِ فائديمند آھن. انھن خاصيتن سان گڏ اھو بہ ياد رکڻ گھرجي تہ شعر جي لاءِ بنيادي شرط تخيل **[Imagination]** آھي. شاعر جي اندر جيڪذھن تصور جي قوت **[Fancy]** موجود آھي تہ تخليقي عمل ۾ اھا ڪيس مدد ڏيندي آھي. ان ڪري شعر ۾ لفظن جي موزون ترتيب **[Pattern]** سان گڏ عميق تخيل ھجڻ گھرجي. ڪيفيت ۽ احساس جي فراواني ھجڻ گھرجي، شعري تجربو ھجڻ گھرجي، شعريت ھجڻ گھرجي. ورنہ شعر فقط لفظن جو گورک ڌنڌو رھجي ويندو. ان ۾ جسم تہ ھوندو پر ان مان جان فنا ٿي ويندي.“ (2) شاعريءَ جي تاريخ ۾ اسان کي اھڙا انيڪ بي مقصد ۽ بي جان شعر بہ ملندا جن جي ڪا بہ وقعت ناھي ۽ نہ ئي شعري تاريخ ۾ ڪا حيثيت.

انھيءَ سموري پس منظر ۾ اسان کي ڏسڻو اھو آھي تہ اياز جاني جي شاعري ڪٿي بيٺي آھي. ان ۾ فن، تخيل ۽ جذبي جي ڪيتري آميزش آھي ۽ منجھس نئين خيال، احساس ۽ ادراڪ جي اظھار جي قوت ۽ شعري مبالغي، ابھام، استعاري ۽ تشبيھه جي حسناڪي ۽ اسلوب جي رنگيني ڪيتري آھي. ان ۾ لفظي ترڪيب، تلميح ۽ تجريديت جا گڻ موجود آھن يا نہ؟ منجھس فڪري گوناگونيت ۽ سماجي شعور توڙي آمد ۽ آورد جو سنگم موجود آھي يا نہ؟ اھي ۽ اھڙا سوال ئي منھنجي ھن اڀياس جو احاطو ڪن ٿا ۽ انھن سوالن جي جوابن

پڇاڻان ئي اياز جاني جي شاعريءَ جي ڪٿ ممڪن ٿي سگهندي. هن اڀياس لاءِ مون هتي سندس شاعريءَ جي پهرين سهيڙ ”دراوڙ دل جي تنهائي“ تي انحصار ڪيو آهي.

مان سمجهان ٿو ته ”دراوڙ دل جي تنهائي “نه رڳو جاني جو هڪ تخليقي، فڪري ۽ حسي تجربو آهي پر ان ۾ هڪ عهد جو دردُ احساس جي شدت سان موجود آهي. هن جي هيءَ شاعري پڙهندي مونکي منجهس موجود عصري صداقت ۽ شاعراڻي نزاڪت بيحد موهيو ۽ متاثر ڪيو.

جڏهن مون جاني جو اهو شعري مجموعو پڙهي پورو ڪيو ته مون کي محسوس ٿيو ته اڪيلائي، تنهائي، نراسائي، اُڃ، ٻاٽ ۽ لاٽ هن جي شاعريءَ جا اهڙا استعارا آهن، جيڪي سندس شاعريءَ ۾ وري وري اڀري اچن ٿا.

**ڏيل ڏياٽيون ٻاٽ ۾، نيڻ ڪري ڏيئڙا**
**اڄ به اجارا پنڌ ۾.**

مونکي اياز جاني جي شاعري پڙهي لڳو ته هن جي من ۾ هڪ عجيب اُڃ، تڙپ ۽ تلاش آهي. هن جي اها تلاش به نامکمل آهي، جو ته هن جي تلاش زمين جي چيزن کي ڇهڻ تي ختم نه ٿي ٿئي، بلڪه هن جو وجود آسمانن جي وسعتن تائين وڃڻ لاءِ آتو آهي. ۽ هو جڏهن هيج مان هلندي اکڙيون پير ڪري آسمانن ڏانهن اڏري ٿو ته هن کي پنهنجي منزل اهڙي اڻ ڏٺل ماڳ جيان ٿي محسوس ٿئي جنهن جي اڳيان اڃ به اورتي آهي. هو حاصلات کان پوءِ وري هڪ نئين پنڌ ۽ جستجو ۾ مهو ٿي وڃي ٿو. حقيقت ۾ اها جستجو ۽ تلاش ئي زندگيءَ ۾ رمق پيدا ڪري ٿي.

**جُڳن کان جيءَ ويڳاڻو**
**الائي ڇا تلاشي ٿو؟**
**اڏاڻو آسمانن ڏي، وساري آب ۽ داڻو**
**الائي ڇا تلاشي ٿو؟**

**..................**

**پنهنجو پنڌ پري،**
**اڃُ ته آهي اورتي.**
**هلندو رهجي هيج مان،**

**اڪڙيون پير ڪري**
**اُپ ته آهي اورتي**

سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي صنف ”وائي “جاني جي محبوب صنف آهي ۽ هن جي شاعراڻي سڃاڻپ جو هڪ اهم حوالو پڻ. وائي ۾ هن جدا جدا تجربا ڪيا آهن. هن ڏيڍوڻي، ٻڻي ۽ ٽيڻي وائي لکي آهي. جيتوڻڪ هن جون ڪجھ وايون اڻ پورين ماترائن سبب ڪنهن مڻه خوار جيان ٽيڙ به ڪائن ٿيون ته ڪڏهن وري بي معنويت جو شڪار به ٿين ٿيون، ڪٿي انهن جون وراڻيون بندن سان تز نه هجڻ ڪري اوپريون ۽ اجوڳيون به ڀاسن ٿيون، پر مجموعي طور هن جي وائي پنهنجي فڪر، فن ۽ تصور ۾ نهايت جامع ۽ پختي آهي. اها چڻ ته ڪلاسيڪيت ۽ جدت جو سنگم آهي. يعني ان جو گهاڙيٽو ڪلاسيڪي وائي وارو آهي ۽ موضوعَ عصري حالتن، سماجي شعور ۽ جديد شعري اظهار جو احاطو ڪندڙ آهن، پر ڪٿي ڪٿي ته اهي وايون پنهنجن موضوعن ۾ به ڪلاسيڪل شعري روايت جو حصو محسوس ٿين ٿيون. جاني جي ڪتاب جي پهرين وائي هن طرح آهي:

**تنهنجي حد نه ڪا**
**مان هڪ ٽٻڪي ـ دائرو**
**تنهنجي سامهون رک جان، منهنجي سپ پوڇا.**
**مان هڪ ٽٻڪي ـ دائرو**
**آهي تنهنجي ناءَ جي، جيڪا وسعت آ**
**مان هڪ ٽٻڪي ـ دائرو**

مٿين وائي جديد لفظيات باوجود پنهنجي موضوع ۾ تصوف جي ان فڪري روايت سان ڳنڍيل محسوس ٿئي ٿي، جنهن ۾ تون جي تنوار هجي ٿي. ”مان “کي ڦٽي ڪرڻ، پنهنجي هستيءَ کي نيست سمجهڻ، پرينءَ جي ناءَ کي ڪائنات جي وسعتن ۾ گم ڪرڻ. اهي سپ صوفياڻي فڪر جون ڏارائون آهن. ان ڪري اسين چئي سگهون ٿا ته جاني پنهنجي ڪلاسيڪل شعري روايتن سان جڙيل آهي. اهڙي طرح هن جي هيٺين وائي به سُر سسئي جو تسلسل لڳي ٿي:

**رات: اٹانگو لَڪُ**
**وک وک ٿوهر پيچرا**

جاني جي وائي ان اساسي روايت جي پيروي ڪندي جدت جو روپ ڌاري ٿي. ان اظهار جي تازگي ۽ خيال ۽ فڪر جي جدت، کي اسين سندس ڪوڙ وائين مان چڱيءَ پرِ پرکي سگهون ٿا.

**منهنجي مايا اُج آ، سپنا سپنا نيڻ**
**آءٌ مسافر آهيان.**

**..................**

**نيڻ اجهامريل آڳ جيان، ڳاهيل ڳاهيل ڳل**
**اُجياري جي آس ۾.**

اياز جاني جون ڪيئي وايون اهڙي بوٽي وانگر آهن جن تان هڪڙا گل چٽن ئي مس ٿا ته وري بيا ٽڙي پون ٿا. هو ڪنهن به وائيءَ کي اجائي طوالت ڏئي ساهه گهٽڻ کان انهيءَ وائيءَ جي ڪُک مان هڪ ٻي وائي جنمڻ کي بهتر سمجهي ٿو. اهڙين وائين جو هڪ ٻئي سان انوکو ربط ۽ تعلق محسوس ٿئي ٿو ۽ لڳي ٿو ته اياز اهي وايون هڪڙي ئي ويهڪ ۾ ٿوري ٿوري ڪيفيت جي تبديلي سان لکيون آهن. جيئن:

**رتُ گهرين يا جَرُ**
**او ڏيئڙا تون اجا پيي ٻرُ**

**...................**

**جيئڙا ڏيئڙا ٻَرُ**
**گهر گهر گهري ٻاٽ ۾.**

مٿين ٻنهي واين ۾ شاعر جي ڪيفيت ساڳي آهي. ٻنهي واين ۾ ڏيئڙو ٻري ٿو فرق رڳو اهو آهي ته پهرين وائيءَ ۾ مٽيءَ جو ڏيئو آهي ۽ ٻي وائي ۾ جيءَ جو ديپڪ.

اياز جاني جي شاعريءَ ۾ ڏيئو، روشني، سج، اجيارو ۽ ٻاک جا لفظ رڳو پنهنجي مخصوص معنوي دائري تائين محدود نه آهن پر اهي ان کان گهڻو اڳتي اهڙا استعارا بڻجي وڃن ٿا جيڪي جاني جي شاعريءَ کي معنوي گهرائي، وسعت ۽ تخليقي حسن بخشين ٿا. اهڙي طرح مٿين لفظن جا متضاد لفظ اوندهه، ٻاٽ، انڌيارو، ڪاراڻ ۽ رات پڻ سندس شاعريءَ ۾ الڳ الڳ علامتن جي روپ ۾ ظاهر آهن.

**آهي جي گهگهه اونداهيءَ ۾ جيئڻ جو جذبو**

**ٽڙندي جاڳرتا**

**.......................**

**ڪاري ڪاري رات**
**گذري ويندي جيئڙا**

**.......................**

**ڳپرو ارپيو رت**
**۽ پو باک ڦٽي پئي**

**.......................**

**چڙهي آڪاشُ، پنهنجا پير ڌرتيءَ تي ڌري ماڻهو**
**ته سچ وانگر ٻري ماڻهو**

**.......................**

**اڄي ڪان اپرو انبر، اڄي ڪان رات پاري آ**
**اڄي ڪان رات ڪاري آ**

**.......................**

**سڏيون گوليون هڻائي ٿي**
**جڏهن پي رات پهچي ٿي**
**ڪُچي جيڪو پُچي جيڪو، ڪنپي ان کي ڪٽائي ٿي**
**جڏهن پي رات پهچي ٿي**

**.......................**

**ٽانڊاڻن تي بندشون! اونده منجھ اسير**
**ڪيئن وساريان بند کي**

**.......................**

**ٻاٽ سان جهيڙي پُڳس، روشنيءَ جي راهه ۾**
**زندگي مرون سان هئي**

اونده ظلم جو استعارو آهي، جاني پهرين وائي ۾ چوي ٿو جيڪڏهن ظلم جي گهگھ اونده ۾ به جيئڻ جو جذبو آهي ته ان کي سجاڳي ۽ جاگرتا جي ابتدا سمجهڻ کپي. ائين اها ظلم جي ڪاري رات هڪ ڏينهن ضرور گذري ويندي پر ان لاءِ قرباني به ضروري آهي، چوته جڏهن ديس جا ڳپرو ڌرتيءَ کي پنهنجو رت ڏيندا آهن ته آزاديءَ جي باک ڦٽندي آهي. ۽ ائين جڏهن ماڻهو

پنهنجي ذرتيءَ سان رشتو مضبوط ڪندو آهي ته سچ وانگر پرندو آهي ۽ ضرور سرخرو ۽ ڪامياب ٿيندو آهي. ٻي صورت ۾ انبر اڳي ڪان وڌيڪ اوپرو ۽ ظلم جي رات اڳي وڌيڪ ڪاري پاسندي. ائين مٿي ڏنل هڪ وائي جي بندن ۾ جڏهن جاني چوي ٿو ته ”سڌيون گوليون هٽائي ٿي، جڏهن پي رات پهچي ٿي “ته ان جي پٺيان هڪ وڏو درد آهي. چوته اتي رات آمريت جي علامت آهي. آمراڻي دور ۾ ماڻهو جي اظهار تي به بندش هوندي آهي ان ڪري ڪوبه آمر ڪڏهن به پنهنجي خلاف ڪجھ ٻڌڻ نه چاهيندو آهي. ”ڪنيي ڪٽائڻ “اصل ۾ زبان بندي جي دستور جو ڪنايو آهي. اهڙين حالتن ۾ ٿانداڻن يعني ساڃاهوند ۽ سماجي شعور رکندڙ سجاڳ ماڻهن تي بدشون هونديون آهن ۽ ڪين اسير بڻايو ويندو آهي پر بالآخر ان جبر جي ٻاٺ سان جهيڙيندي روشني جي راهه يعني ڪاميابي تائين رسڻ هر باهمت ماڻهوءَ جو مقدر بڻبو آهي.

تازو ئي ريڊيو لاڙڪاڻي تي جاني سان ڪچهري ڪندي جڏهن سندس شاعريءَ بابت سوال ڪيم ته هن چيو ”منهنجي شاعريءَ ۾ چاهي اهو ته هن دور جو نقاد ئي ٻڌائي سگهندو پر ڪجھ دوستن جو خيال آهي ته منهنجي شاعريءَ ۾ نراسائي ۽ مايوسي وڌيڪ آهي.“ هاڻي مان جڏهن اياز جاني جي شاعريءَ سان مليو آهيان ته مونکي اها راءِ اڌوري ٿي پاسي. ائين ضرور آهي ته جاني پنهنجي اندر هڪ اداس روح رکي ٿو پر ائين به نه آهي جو ڪو چوي ته هن جي شاعريءَ ۾ آپٽيمسٽ ائپروچ آهي ئي ڪونه. هن جي اندر جي ڪائنات بيشڪ اداس ۽ نراس آهي. اها نراسائي ڪٿي سبجيڪٽو ته ڪٿي آبجيڪٽو آهي، چوته هن جو داخل سندس خارج سان جُڙيل آهي. تنهن ڪري جهڙو سماج آهي ۽ جهڙيون سماج جون حالتون آهن فطري طور هن جي شاعري به اُهڙي ئي آهي. اندر ۾ ٿوهر ڦٽل هوندا ته لفظن مان رابيل جي خوشبو ڪيئن ايندي. ڊاڪٽر وقار احمد رضوي جي اها راءِ ڪيڏي نه تز آهي ته ”شاعر رڳو حاضر تي ئي اڪتفا نه ڪندو آهي، اهو حاضر جي آئيني ۾ مستقبل جو مشاهدو ڪندو آهي. سندس خيال انهن گلن وانگر آهن جن ڪي زمانو پٺي ڇڏيندو آهي. شاعرُ قوم ڪي بيدار ڪندو آهي. اهو قوم جي شعور ڪي جنجهوڙيندو آهي. هو امن جو نقيب ۽ انقلاب جو داعي هوندو آهي..... هو انسانيت جي ڪتاب جو مفسر هوندو آهي. شاعري هڪ اهڙو آئينو آهي جنهن جي شفاف چهري ۾ عظيم مستقبل جو اولڙو نظر ايندو آهي. مستقبل جو اهو

ڏنڊلو عڪس جنهن ڪي شاعر پنهنجي خيالات جي دنيا ۾ حاضر جي مطابق پيش ڪندو آهي. "(3) اياز جاني جي شاعريءَ ڪي به انهيءَ راءِ جي آثار تي پرکڻو پوندو.

اصل ۾ جاني جي شاعريءَ جو هڪ وڏو سماجي ۽ سياسي پس منظر آهي، تنهن ڪري سندس شاعريءَ تي پنهنجي دور جي حالتن، سماج جي ڪربناڪين ۽ ويساهه گهاتين جا آثار چٽا آهن. هن جي شاعري رڳو لطف جو ذريعو ناهي پر ان ۾ پنهنجي وقت جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي چرپر ۽ قومي شعور به موجود آهي. ڪٿي هن کي سياست جي بازار ۾ دوکيباز، دلال، چمڙا ۽ چربٽ ٿا نظر اچن ته ڪٿي سنڌ جي ڳوٺڻ ۾ بي جرم نياڻين جو ڪوس، ڪڏهن هو ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ مرتل مانگر مڇ جي مستيءَ تي تڙپي ٿو ته ڪڏهن هو اهي ڪارا پير پٽڙ تي ليکڻ چاهي ٿو جن پنگريي ۾ پوري جي لاش کي لتاڙيو هو. هو غلامي جي زندگيءَ کي ڪُن سان پيٽي ٿو، هن جي اکين ۾ آزاديءَ جو خواب آهي، هو سمجهي ٿو ته اسان جي حال جي هٿ ۾ سياڻي لاءِ جوکو آ، هو چاڻي ٿو ته عوام تي امن ۽ عدالت جا در بوٿيل آهن، هن کي پتو آهي ته ٿلهن نعرن سان ڪابه تبديلي نه ايندي آهي. هو بي فيض جمهوريت کي پراڻو ناٽڪ ڪوٺي ٿو ۽ سنڌ مٿان هر نئين وار کي محسوس ڪري ٿو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ قومي جاڳرتا ۽ سماجي بيداري جو پيغام ڏيندي ڪٿي به نعري بازي وارو انداز اختيار نه ڪيو آهي. هن جي اظهار جو اسلوب نهايت تخليقي، ڳوڙهو، سنجيده ۽ با وقار آهي. ڊوائلي جو اهو قول ڪيڏو نه کرو آهي ته "شاعريءَ وسيلي اسان موجوده زماني کان پنهنجي غير اطمينانيءَ جو اظهار ڪريون ٿا. "اياز جاني به اهو ئي ڪيو آهي، تنهن ڪري هن جي شاعري پنهنجي وقت جو نوحو محسوس ٿئي ٿي پر شاعريءَ کي رڳو نراسائي جي نوحه گري نه بڻائڻ کپي ان ۾ اميد جو نغمو به ضروري آهي ۽ اياز جاني جي شاعريءَ ۾ به ان نغمي ۽ ان گيت جي گونج محسوس ٿئي ٿي.

**سوچي ٿڻ ٿاهيون**
**ٻيگهي ٽوڙيون ٻاٽ جي**
**روڙي پنهنجي روح تان**
**ڊپ سچو لاهيون**
**ٻيگهي ٽوڙيون ٻاٽ جي**

.....................

**جوڳي اوتي اُج کي، پهتا سنڌو جل**

**اُجياري جي آس ۾**

.....................

**دراوڙ دل جي تنهائي، وصل جو ڪاج ماڻيندي**

**جڏهن سوراج ماڻيندي**

.....................

**جي سرواڻي سچي نڪري**

**ته ڌرتي جهومندي جاني**

جڏهن شاعر جي من ۾ اميد ۽ خوشي جو احساس ڪر موڙي اُٿي ٿو ۽ اندر تي مسرت جو مينهن اوڙڪون ڏئي وسي ٿو ته سندس لفظ به گلابن وانگر مهڪي پون ٿا ۽ سٽ سٽ ۾ سوين سڳنڌون اچي وڃن ٿيون. هينئين ۾ هوڪرا مچي وڃن ٿا. پوءِ ڪيس گُجريون ۽ پاٽياريون، چلا، ويڙها ۽ نازڪ آڱريون ياد اچن ٿيون.

**هبڪارن جا هل**

**هينئڙو سارو هوڪرا**

.....................

**گج گُجر پائي**

**جرڪي پيئي ڪاج ۾**

.....................

**پاٽياريءَ پاتو**

**گج گلابي جسم تي**

.....................

**ويڙهو ويڙهي ٻاچ ۾، پيئي ڦيرائي**

**جرڪي پيئي ڪاج ۾**

اها ساڳي جوت ۽ جمال، منظر ۽ احساس توڙي رومانوي فضا جاني جي غزلن تي به ڇانئيل آهي. هو اهڙي دل جيڪا پيار لاءِ نه ٿي ڌڙڪي، اها ڪڏي ڪانون کي ڏيڻ چاهي ٿو.

**دل ڪڏي اڇلائجي ڪنون اڳيان**

**هيءَ هاڻي پيار لئه ڏڙکي نه ٿي**

هن جي من ۾ پرين جي ياد جي چولي هزارين رنگ ڪٽي اچي ٿي ۽ هو پنهنجي روح ۾ هولي محسوس ڪري ٿو:

**ياد جي چولي هلي آئي هئي**
**روح ۾ هولي هلي آئي هئي**

جاني جي غزلن ۾ اهي رومانوي رنگ حسين احساس پيدا ڪن ٿا. هن جي ڪوڙ غزلن ۾ پرين جي نيڻن ۽ چپن جو تذڪرو مختلف رخ اختيار ڪري وري وري اچي ٿو:

**من ۾ ٿاڪ ٿُنهجي نيڻن جا**
**چَپ هيراڪ تنهجي نيڻن جا**

**.................**

**ٻن چپن جي وچ ۾ ويري رهي**
**هڪ چميءَ جو خواب ويو ڏنڏلائجي**

**.................**

**ڊائريءَ ۾ رکُ سدائين پنکڙيون**
**پر ڪويءَ کي پي چميءَ جو جام ڏي**

**.................**

**عشق جي ڪيڏي انوکي چڪ آ**
**ڪير چاهيندو چُمي پوري ٿئي**

اياز جاني جي غزلن ۾ وصل ۽ فراق جو داستان به آهي، سپنن جي ساپيان ٿيڻ جا قصا به آهن ته جيئڻ مرڻ جون ڳالهيون پڻ. انهن ۾ سار ۽ سرور جا ساز به ٻُرن ٿا ته وجودي چڪ به محسوس ٿئي ٿي. انهن غزلن ۾ عشق جي ماهيت به سمجهايل آهي ته منجهائن هجر جي لذت به محسوس ڪري سگهجي ٿي.

**تو چيو: سپنا به ساپيان ٿيا ڪڏهن؟**
**مون چيو: تنهنجو ملڻ چا معنى**

**.................**

**هوءَ هاڻي پي ڏسي ٿي پر سچاٽي ڪين ٿي**
**پر نه جاني جِي سگهي ٿو هُنَ کان هينئڙو پلي**

..................

**ڪنهن پڇيو مرڪندي ”عشق چاهي پلا؟“**
**مون اڳيان ٿاڪ هئي، جيستائين ڏنو**

..................

**شام تائين اوهان نه سارينداءُ**
**جيئري ئي لڳي ٿو مارينداءُ**

..................

**چاٽان ٿو مان منهنجي نه آ جاني**
**پر ڪنهن به پَل هن مان نه ٿو نڪران**

اياز جاني جي غزلن ۾ نئين حسيت ۽ جدت توڙي انوکو لفظياتي جهان آباد آهي. البته هن جي اندر ۾ وائي ايتري ته رچيل آهي جو سندس ڪوڙ غزل پڙهندي به انهن تي وائي جو گمان ٿئي ٿو. سندس ڪجهه غزل ٻڳهن رديفن ڪري به اهڙو تاثر ڏين ٿا. هونءَ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سهڻا ۽ اڇوتا رديف هن جي غزلن کي هڪ انوکو حسن بخشين ٿا. اهڙي ريت تز ۽ نرالا قافيا به سندس غزلن جي سونهن آهن. جاني جي ڪجهه غزلن ۾ وزن ٿيڙ کائي ٿو ۽ هن کوڙ اکرن کي زوري حزف ڪري وزن جو پورائو ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي آهي. ائين ئي سندس غزلن جي ڪجهه شعرن ۾ ابلاغ يا ڪميونيڪيشن جو مسئلا پڻ موجود آهي. انهن ۾ سمايل خيال پڙهندڙ تائين پوريءَ طرح پهچي نه ٿا سگهن. جاني جي ڪيترن ئي شعرن ۾ بي ربطگي ۽ معنوي جهول پڻ محسوس ٿين ٿا پر انهن ڳالهين باوجود حسين تشبيهن ۽ تلميحن، سگهارن استعارن ۽ علامتن، فطري ماحول ۽ محاڪات، اندروني قافين جي جڙاوت ۽ احساس جي لطافت، فطري رواني ۽ غنائيت وارين خوبين سبب هن جو غزل سندس هم عصر ٿهي ۾ نمايان ۽ معتبر مقام تي بيٺل آهي.

فلپ سدني لکيو آهي ته ”انسان جو ڪوئي فن اهڙو ناهي جيڪو فطرت جي ٿاهيل شين تي مبني نه هجي...... صرف شاعر هڪ اهڙو فنڪار آهي، جيڪو فطرت جي لڪير جي فقيريءَ کان انڪار ڪندي، پنهنجي ايجاد واري قوت جي ٻَلَ تي، هڪ نئين فطرت تخليق ڪري ٿو ۽ اهڙيون شيون ايجاد ڪري ٿو جيڪي يا ته فطرت جي شين جون اصلاح يافته صورتون هونديون آهن يا ان کان بنهه ڌار ۽ نيون شيون هونديون آهن. “(4) هڪ شاعر ۾ اهو گڻ

سندس تخليقي ذهن سبب پيدا ٿئي ٿو ۽ هو الڳ الڳ وٿن ۽ فطرت جي لقائن مان هڪ نئين دنيا تخليق ڪري ٿو، تنهن ڪري هو رڳو صانح نه آهي پر ان کان اڳتي هڪ موجد آهي. اها ايجاد جي قوت ۽ وجدان ئي هڪ بهترين شاعر جو سرمايو آهي. اياز جاني جي شاعري پڙهندي اها ڳالهه مڃڻي پوي ٿي ته هن وٽ خيال جي مٽي کي ڳوهڻ ۽ لفظن جي صورتگري جو هنر موجود آهي.

**صحرا جهاڳي گهر لئه پاڻيءَ لپ کڻي آئي آ**
**پاڻياري پر پنهنجا پياسا چپ کڻي آئي آ**

**.....................**

**ان کي ڪُلها، پناڙا، هٿ پير ٿا کپن**
**هي شهر آهي، ڪنهن جو چهرو پڇي نه ٿو**

مٿيان ٻئي شعر تخليقي اظهار جو عمدو مثال آهن. پهرين شعر ۾ صحرا جو درد آهي ٻئي ۾ شهر جو دک. پهرين شعر ۾ گهر لاءِ سيڪريفائيز ڪرڻ جي ڳالهه آهي. ان شعر ۾ ”گهر “کي رڳو هڪ چار ديواري طور نه اپاريو ويو آهي پر اهو هڪ سگهارو استعارو بڻجي آيو آهي. گهر اهو آهي جتي رشتا آهن، محبتون آهن، جتي جياپي جي جنگ پئي هلي. تتل صحرا ۾ اڌيل جهوپي ۾ پاڻيءَ جي لپ ڪيڏي وڏي دولت آهي اهو ته ڪو پياسو ئي ٻڌائي سگهي ٿو. پياس ته پاڻياريءَ جي چپن تي به آهي پر هوءَ هٿ آيل پاڻي لپ سان پنهنجي لبن کي سيراب ڪرڻ بدران ان گهر لاءِ ٿي سوچي جتي سندس پيارا پاڻيءَ جي ڍڪ لاءِ واجهه وجهي ويٺا آهن. اهڙي طرح ٻئي شعر ۾ شهرن ۾ مشين بڻجي ويل انسان جي دک جي ڪٿا آهي. اياز جو خيال آهي ته شهر بيحسي جو آماجگاهه بڻجي ويا آهن. ميشينين، ڪارخانن ۽ اقتصادي مفادن شهرن کان اکيون کسي ورتيون آهن. هتي شهر حقيقت ۾ سرمائيدار طبقي جي علامت طور اپريل آهي، جنهن کي هر حال ۾ پنهنجو مفاد عزيز آهي هنن کي ان مزدور ۽ پورهيت جي پيڙا نظر نه ٿي اچي جيڪو جيئاپي جي جنگ ۾ پل پل ٽٽندو ۽ پرندو رهي ٿو.

اياز جاني جي شاعريءَ جي اها ائپروچ توڙي عصري صداقت کي تخليقي قالب ۾ پيش ڪرڻ وارو ڏانءُ ئي کيس هڪ جيڏن شاعرن ۾ نمايان ڪري بيهاري ٿو. هن جي شاعريءَ ۾ شعري جماليات، سماجي، سياسي ۽ قومي شعور، فڪر ۽ احساس جو توازن ته موجود آهي پر سندس شاعري فني

۽ اسلوبي گهرجون پڻ چڱيءَ پر پوريون ڪري ٿي. البته ڪٿي ڪٿي ناقص تشبيهون ۽ معنوي جهول سندس شعر کي ڇيهو رسائين ٿا. جيئن:

**ترُ گلابي چپ تي هو يا چنڊ ڪڙيو**
**ڏسندي ڏسندي تارن تائين پهتا سين**

**....................**

**من مسافر موسى وانگر، پنڌ عصا آهي**
**چاهي جي فرعوني دنيا سَپَ ڪٽي آئي آ**

پهرين شعر ۾ ترِ جِي چنڊ سان تشبيهه بنهه اجوڳي محسوس ٿئي ٿي. چنڊ روشني جي علامت آهي ان جي پيٽ ۾ تر ڇهري جي سونهن ته ضرور ٿئي ٿو پر ان مان جوت جو ڪو تصور نه ٿو اپري. اهڙي ريت ٻيو شعر به معنوي ۽ تشبيهي نقص جو شڪار آهي جنهن ۾ پنڌ کي عصا سان تشبيهه ڏئي جاني شعر جي معنوي حسن کي ڌڪيو آهي. اهو شعر رڳو هڪ لفظ جي تبديليءَ سان هن طرح پنهنجي ڀرپور معنويت ۽ تُز تشبيهه جو پورائو ڪري سگهي ٿو.

**منُ مسافر موسى وانگر، هَٿِ عصا آهي**
**چاهي جي فرعوني دنيا سَپَ ڪٽي آئي آ**

اياز جاني جي شاعري پنهنجي موضوعن ۾ ڳوڙهي ۽ ڳتيل آهي. وطن دوستي، انسان دوستي، قوم پرستي ۽ رومانيت مجموعي طور هن جي شاعري جو محور آهن، پر ان سان گڏ و گڏ مذهبي رواداري، ظلم کان انڪار، فرسوده رسمن جي نفي، خود آشنائي، امن جي اميد، بک جو دوزخ، سچ جي پچار ۽ اهڙا ٻيا انيڪ موضوع سندس شاعريءَ جي آڪاس تي تارن جيان ٽمڪن ٿا. ارسطو چيو هو ته ”شاعرُ تخليقڪار آهي اهو ندرت پيدا ڪندو آهي ۽ تخيل جي دنيا وسائيندو آهي.“ اياز جاني جي غزلن ۾ اسان کي اهڙي ندرت ۽ تخيل جي حسين دنيا نظر اچي ٿي. هن جي غزلن ۾ اسان کي ڪيئي اڇوتا، اڻ ڇهيا ۽ تازا خيال ملن ٿا ۽ اهي خيال هن جي شاعريءَ ۾ موتين وانگر جرڪن ٿا. اهي حسين خيال چُٽي ۽ چونڊي مان هتي هڪ مالها جي صورت پيش ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ ان ست رنگي مالها کي مان سنڌي شاعريءَ جي ڳچي جي زينت سمجهان ٿو:

**پَرَ ڪَٿي ضرورتن ڦٽي ڪري ڇڏيو**

**پو ڪڏهن زمين تان اُڏي سگهيس نه مان**

**………………….**

**نه ڪنهن جي جهل تي بيٺا**
**به موتي ڳل تي بيٺا**

**………………….**

**رات ويهي ٿي رهي بس گهرُ ڪري**
**اڄُ ته ان کي مُڪ وهايون پَرُ ڪري**

**………………….**

**گهر ٻار جي خفي ۾ فرصت ملي نه هوندس**
**هٿ ۾ ته زهر هوندس، پر پي سگهيو نه هوندو**

**………………….**

**واٽ تي وچون ڏسي نه خوف پئي ٿيو**
**واهرو ٻنو ته مان وري وري ڪريس**

**………………….**

**ڪاٺ جو ڇهرو، اکيون پٿر رکي**
**ڪيئن ملجي وچ ۾ خنجر رکي**

**………………….**

**هٿ ڏي ته پهچون زندگيءَ جي توڙ تي**
**هر موڙ تي هٿ جي تري ڇا ٿي ڏسين؟**

اياز جاني جي شاعريءَ ۾ جيڪو تخيل ۽ تفڪر، تصور ۽ وجدان، حسيت ۽ تاثر، اسلوب جي جدت ۽ انوکي لفظيات موجود آهي اها کيس شيخ اياز واري جديد شعري روايت سان ڳنڍي ٿي. اياز جاني جي شاعري پڙهي مونکي سنڌي شاعريءَ جي آئيندي ۾ ويساهه پختو ٿيو آهي. هن جي شاعريءَ جو مطالعو منهنجي لاءِ ان آٿت جو باعث ٿيو آهي جو مان چئي سگهان ٿو ته جديد سنڌي شاعري ۾ اها تخليقي سگهه ۽ ڪرشماتي قوت آهي جنهن سان اسين ايندڙ دور اڳيان ندامت مان ڪنڌ جهڪائڻ بدران ناز سان ڳاٽ اوچو ڪري سگهون ٿا.

## حوالا:

سيد، وقار احمد رضوي ڊاڪٽر ”معروضي تنقيد“، مڪتبهء دانيال، 2013، ص 76 ۽ 77

اشعرنجمی (مدیر) کتابی سلسلہ ’اثبات‘،ممبئی، جلد

دوم،شمارہ:7،2010، مقاله: “شعر: دو جملے” (معيد رشيدي) ص 33

سيد وقار احمد رضوي (حوالو ساڳيو) ص 73

حسين محمد هادي ”مغربي شعريات “مجلسِ ترقيِ ادب، لاهور، طباعت سوم 2010، ص